# بلائن کان حفاظت
# جو طريقو

## هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
## سُنّتن ڀريو بيان

( اسلامي ڀينرن جي لاءِ )

27-April-2017

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# بلائن کان حفاظت جو طريقو

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

اميرُالمؤمنين حضرت سيدُنا علي المُرتَضيٰ،شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ شَهنشاهِ خوش خِصال،سلطانِ شِيرين مَقال، پيڪرو حُسن وجمال صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان جو مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ توهان جي دُعائن جو محافظ، رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي رضا جو ذريعو ۽ توهان جي عملن جي پاڪيزگي جو سبب آهي. (القول البديع ،الباب الثانی فی ثواب الصلاة ...الخ،ص۲۷۰)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غفور

بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

مختصر وضاحت! اسان جا گناه تمام گهڻا آهن پر اي آقا اوهان ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ تمام گهڻو معاف ڪرڻ وارا، بخشش ڪرڻ وارا آهيو. اسان جيڪي گناه ڄاڻي واڻي يا غير اِرادي طور تي ڪيا آهن اوهان انهن کي معاف ڪري ڇڏيو اوهان تي ڪروڙين ڀيرا دُرُود و سلام هجي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّن عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

ٻہ مدني گُل: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀِجي ويهندَس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندَس ❁ اجتماع کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس. جيڪو ڪجھ ٻڌندس ان کي ٻڌي ڪري سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس، دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندس ۽ نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز (ڇو تہ ان جي اجازت ناهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خُدا ترس عورت کي ٻُڌل ٻار ڪيئن مليو؟

حضرت سَيِّدُنا عِڪرِمہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ملڪ جو بادشاهہ گهڻو ظالم ۽ ڪنجوس هو. ان پنهنجي ملڪ ۾ اهو اعلان ڪرايو تہ ڪو بہ شخص

ڪنهن فقير يا مسڪين تي ڪا شيءِ صدقو نہ ڪري، ڪو بہ ڪنهن غريب جي مدد نہ ڪري. جيڪڏهن ڪنهن ائين ڪيو تہ مان ان جو هٿ ڪٽيندس. اها خبر ٻڌي ماڻهن ۾ خوف ڦهلجي ويو، هاڻي هر ڪو صدقو ڏيڻ کان ڊڄڻ لڳو. هڪ ڏينهن هڪ فقير مجبور ٿي هڪ عورت وٽ آيو ۽ ان کي چيائين: الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر مون کي ڪا شيءِ کائڻ جي لاءِ ڏي. ان عورت چيو: اسان جي ملڪ جي بادشاهہ اعلان ڪيو آهي تہ جيڪو ڪنهن کي صدقو ڏيندو تہ ان جو هٿ ڪٽيو ويندو، هاڻي مان توهان کي ڪهڙي طرح ڪا شيءِ ڏيان؟ فقير چيو: توهان مون کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر ڪا کائڻ جي شيءِ ڏئي ڇڏيو. عورت کي ان فقير تي گهڻو رحم آيو ۽ ان بادشاهہ جي ناراضي ۽ سزا جي پروا نہ ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ ان فقير کي 2 مانيون ڏئي ڇڏيون. فقير مانيون وٺي دعائون ڏيندي اتان کان هليو ويو. جڏهن بادشاهہ کي خبر پئي تہ فُلاڻي عورت منهنجي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي آهي تہ ان سپاهي موڪلي عورت جا ٻئي هٿ ڪٽائي ڇڏيا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ بادشاهہ پنهنجي والده کي چيو: مون کي سڀ کان وڌيڪ حسين ۽ خوبصورت عورت جي باري ۾ ٻڌاءِ تہ جيئن آئون ان سان شادي ڪيان، پوءِ ان جي والده ٻڌايو: اسان جي ملڪ ۾ هڪ عورت آهي ان جهڙي حسين ۽ خوبصورت مون ناهي ڏٺي پر ان ۾ هڪ تمام وڏو عيب هي آهي تہ ان جا ٻئي هٿ ڪٽيل آهن. بادشاهہ جي حڪم تي ان عورت کي دربار ۾ آندو ويو ۽ ان جي رضامندي سان بادشاهہ شادي ڪري ورتي. ۽ هو راضي خوشي سان رهڻ لڳا. بادشاهہ جون ٻيون گهرواريون ڏينهن رات حسد جي باهہ ۾ سڙڻ لڳيون ۽ هر وقت نئين ڪنوار کي بادشاهہ جي نظرن مان ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. پر اهي پنهنجي ان بُري اِرادي ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيون. هڪ دفعي بادشاهہ ڏٺي

عرصي جي لاءِ جنگ تي هليو ويو. بادشاھ جي گھروارين کي سنو موقعو ملي ويو ۽ انهن بادشاھ کي خط لکيو تہ توهان جي پنيان اوهان جي نئين ڪنوار بدڪاره ٿي وئي آهي ۽ ان کي ٻار پڻ پيدا ٿيو آهي. جڏهن بادشاھ کي هي خط مليو تہ ان پنهنجي والده جي نالي اهو پيغام موڪليو تہ ان عورت کي ٻار سميت ملڪ کان ٻاهر نيڪالي ڏني وڃي. پوءِ ان عورت جي ڳچي ۾ ڪپڙو وڌو ويو ۽ ٻار کي ان ۾ وجهي ملڪ کان پري هڪ جهنگ ۾ ڇڏيو ويو. اها ويچاري جهنگ ۾ گھُمندي رهي، جڏهن اُڃ جي شدّت ان کي پريشان ڪيو تہ ڳولها کان پوءِ هڪ شاخ تي آئي ۽ جيئن پاڻي پيئڻ جي لاءِ جهڪي تہ ان جو ٻار پاڻي ۾ ڪريو ۽ ٻڏڻ لڳو. عورت پنهنجي ٻڏندڙ ٻار کي ڏسي روئڻ لڳي. ايتري ۾ 2 خوبصورت نوجوان آيا ۽ روئڻ جو سبب پڇيو تہ ان عورت چيو: منهنجو پٽ پاڻي ۾ ٻڏي ويو آهي، مان ان جي غم ۾ روئي رهي آهيان. ان خوبصورت نوجوانن پڇيو: ڇا تون چاهين ٿي تہ اسان تنهنجي ٻار کي ڪڍي اچون؟ عورت بيقرار ٿي چيو: ها! مان چاهيان ٿي تہ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي منهنجو ٻار واپس موٽائي ڏي، ان نوجوانن دعا ڪئي ۽ ان جو ٻار ڪڍي ان کي ڏئي ڇڏيو. پوءِ انهن پڇيو: اي رحم دل عورت! ڇا تون چاهين ٿي تہ تنهنجا هٿ تو کي واپس ڪيا وڃن ۽ تون نيڪ ٿي وڃين؟ ان چيو: ها! مان چاهيان ٿي پوءِ انهن ٻنهي نوجوانن دعا ڪئي ۽ ان جا ٻئي هٿ بلڪل نيڪ ٿي ويا. عورت الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو ۽ حيرت ڀري نگاهن سان ان نوجوانن کي ڏسڻ لڳي جن جي برڪت سان ان کي ٻڏل ٻار بہ ملي ويو ۽ ان جا هٿ بہ ان کي موٽايا ويا. پوءِ ان نوجوانن پڇيو: "اي عظيم عورت! ڇا تون سڃاڻين ٿي تہ اسان ڪير آهيون؟ عورت چيو: مان اوهان کي نٿي سڃاڻان. انهن چيو:" اسان تنهنجون اهي بہ مانيون آهيون جيڪي تو هڪ مجبور (Helplees) سوالي کي

www.dawateislami.net

ڏنيون هيون. (عيون الحكايات ،۲۲۶/۱،ملخصاً)

بَرادرِ اعليٰ حضرت، اُستاذِ زَمن، حضرت مولانا حسن رضاخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه چا خوب فرمائن ٿا:

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ    بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کار ساز کا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو تہ خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر ان جي راھ ۾ ڏنو ويندڙ صدقو ضائع ناهي ٿيندو، آخرت ۾ تہ ان جو ثواب ملندو ئي آهي پر دُنيا ۾ بہ ان جون گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون آهن ۽ ڪيئي بلائن کان حفاظت ٿيندي آهي جيئن ان عورت سان ٿيو جو جڏهن ان رضاءِ الٰهي جي لاءِ هڪ بکايل شخص تي رحم کائي 2 مانيون صدقو ڪيون تہ جيتوڻيڪ وقتي طور تي ان تي آزمائشون آيون، ان جي خلاف سازشن جو جار وڇايو ويو، هٿ ڪٽجي ويا، ملڪ مان ڪڍيو ويو، ٻار شاخ ۾ ٻڏي ويو پر ان نيڪ عورت ڪي ڏسو جو ايتري قدر آفتن جي باوجود صبر ۽ استقامت سان حالات جو مقابلو ڪندي رهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي غيبي مدد فرمائي. هن ايمان افروز واقعي مان اسان بہ مدني گل حاصل ڪندي پنهنجو مدني ذهن بڻايون تہ جڏهن ڪا مصيبت، تڪليف، بيماري يا پريشاني وغيره اچي تہ اسان ڪي بي صبري ڪندي شڪوه شڪايات ڪرڻ بدران الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي. مشڪلات جي حل ۽ بلائن کان حفاظت جي لاءِ رِضاءِ الٰهي جي خاطر خوب صدقو ۽ خيرات جي عادت بنائڻ گهرجي پر هن ڳالھ جو خيال رهي تہ اسان جا صدقا ڪنهن غيرِ مستحق جي هٿ نہ لڳن ڇاڪاڻ تہ اڄڪلھ هر پاسي پيشہ ور ڀينو ۽ نام نهاد فقيرن جي گهڻائي آهي ۽ محنت مزدُوري جي بدران چڱن ڀلن صحت مند ماڻهن بہ خيرات گهرڻ کي باقاعده

پنهنجو پيشو بڻائي رکيو آهي، جيئن

صَدْرُالشَّريعہ، بَدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: اڄڪلهہ هڪ عام مصيبت اها ڦهليل آهي تہ چڱا ڀلا تَندُرُست (Healthy) جيڪڏهن چاهن تہ ڪمائي ٻين کي کارائن پر انهن پنهنجي وُجُود کي بيڪار قرار ڏنو آهي، ڪير محنت ڪري ۽ مُصِيبَت برداشت ڪري، بي محنت ملي وڃي تہ تڪليف ڇو برداشت ڪجي. ناجائز طور تي سُوال ڪندا ۽ خيرات گهري پيٽ ڀريندا آهن، ڪيئي اهڙا آهن جو مَزدُوري تہ مَزدُوري، ننڍي روزگار يا واپار کي شرم ۽ ذِلّت جو ڪم خيال ڪندا آهن ۽ خيرات گهرڻ تہ حقيقت ۾ اهڙن جي لاءِ بي عزّتي ۽ بي غيرتي آهي، پر هي عزّت جو سبب سمجهن ٿا ۽ ڪجهہ ماڻهن تہ خيرات گهرڻ کي پنهنجو پيشو (Profession) ئي بڻائي رکيو آهي، گهر ۾ هزارين روپيا آهن، وياج جي ڏيتي ليتي ڪندا آهن ٻني ٻارو وغيره ڪندا آهن پر خيرات گهرڻ نٿا ڇڏين، انهن کي چيو ويندو آهي تہ جواب ڏيندا آهن تہ هي اسان جو پَيشو آهي ڇا اسان پنهنجو پَيشو ڇڏي ڏيون! جڏهن تہ اهڙن جو سُوال ڪرڻ حرام آهي ۽ جنهن کي انهن جي حالت معلوم هجي (تہ خيرات گهرڻ انهن جو پيشو آهي تہ) انهن کي جائز ناهي تہ انهن کي ڏئي. (بهارِشريعت،۱/۹۴۰ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جيڪڏهن ڪنهن جي روزگار جو ذريعو هڪ مشين هجي جنهن کان هو مالي فائدا حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر طرح سان ان جو خيال رکي ٿو. جيڪڏهن هو ان جي مناسب سار سنڀار ۾ سُستي ڪري ۽ ان جي صفائي جو خيال نہ رکي تہ مشين خراب ٿي سگهي ٿي ۽ مشين جو مالڪ آزمائش ۾ مبتلا ٿي مالي فائدن کان محروم ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح مال بہ

هڪ نعمت آهي جنهن سان اسان کي ڪيئي فائدا حاصل ٿين ٿا جيڪڏهن اسان ان جو قدر ڪندي ان جي حقن (Rights) جو خيال رکون يعني زڪوٰة وغيره جي ادائيگي سان ان جي صفائي جو اهتمام ڪريون ته اهو ئي مال اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ نجات جو ذريعو بڻجي ويندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ٿيندي ۽ آفتن ۽ بلائن کان حفاظت نصيب ٿيندي. تنهنڪري صدقي ۽ خيرات جو سلسلو صرف رمضان المبارڪ جي مهيني جي حد تائين محدود نه رکيو وڃي بلڪ سڄي سال صدقي ۽ خيرات جي عادت بڻايو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به ان جي ڀرپور ترغيب ڏياريندا رهو ڇوته هي اهو عظيمُ الشّان ڪم آهي جو قرآن ۽ حديث ۾ مختلف هنڌن تي صدقي ۽ خيرات ڪرڻ وارن جي ساراهه ۽ صدقو ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي وئي آهي، جيئن سيپاري 27 سُوْرَةُحَدِيد جي آيت نمبر18 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

اِنَّ الْمُصَّدِّقِیْنَ وَ الْمُصَّدِّقٰتِ وَ اَقْرَضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا یُّضٰعَفُ لَهُمْ وَ لَهُمْ اَجْرٌ كَرِیْمٌ(۱۸)

**ترجمو ڪنزُ الايمان:** بيشڪ صدقو ڏيندڙ مرد ۽ صدقو ڏيندڙ عورتون ۽ اهي جن اللّٰه کي چڱو قرض ڏنو. انهن جا ٻيڻا آهن ۽ انهن جي واسطي عزت جو ثواب آهي.

اهڙي طرح احاديثِ مبارڪ به صدقي ۽ خيرات ڪرڻ جي فضيلتن ۽ برڪتن سان مالا مال آهن. اچو! ترغيب طور پنج (5) فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖوَسَلَّم ٻڌون ٿا ۽ صدقي ۽ خيرات ڪرڻ جي نيت ڪيون ٿا، جيئن

- ارشاد فرمايائون: صَدَقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪري ٿو. (معجم ڪبير، ۲۷۴/۴، حديث: ۴۴۰۲)
- ارشاد فرمايائون: جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر صدقو ڪري ته اهو

(صدقو) ان جي ۽ باھ جي وچ ۾ آڙ بڻجي ويندو آهي. (مجمع الزوائد، كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة، ٣/٢٨٦، حديث :٤٦١٧)

❖ ارشاد فرمايائون: صَدَقو ڏيو ۽ صَدقي جي ذَرِيعي پنهنجن مريضن جو مُداوا کندا ڪريو بيشڪ صَدَقو حادِثن ۽ بيمارين جي روڪٿام ڪري ٿو ۽ هي توهان جي عملن ۽ نيڪين ۾ اِضافي جو سبب آهي. (شعب الايمان، باب في الزكاة، ٣ / ٢٨٢، حديث: ٣٥٥٦)

❖ ارشاد فرمايائون: صُبح سويري صَدقو ڏيو ڇوتہ بلا صَدقي کان اڳتي قدم ناهي وڌائيندي. (شعب الايمان، باب في الزكاة، التحريض على صدقة التطوع،٣/٢١٤، حديث:٣٣٥٣)

❖ ارشاد فرمايائون: بيشڪ صَدقو ربّ تعاليٰ جي غضب کي وسائي ٿو ۽ بُري موت کي پري ڪندو آهي. (ترمذي، كتاب الزكاة، باب ما جاء في فضل الصدقة، ٢/ ١٤٦، حديث: ٦٦٤)

مشهور مُفَسّرِ قرآن، حڪيمُ الأُمَّت مُفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ان حديثِ پاڪ جيَ شرح ۾ فرمائن ٿا: خيرات ڪرڻ واري سخي جي زندگي بہ چڱي هوندي آهي جو ان تي دنياوي مصيبتون نہ ايندیون آهن ۽ جيڪڏهن امتحان اچي بہ وڃي تہ ربّ تعاليٰ جي طرفان هن کي قلبي سڪون نصيب ٿيندو آهي جنهن تي هو صبر ڪري ثواب ڪمائيندو آهي، ڇڻ تہ ان جي لاءِ مصيبت، مَعْصِيَت (گناھ) ڪٽي نہ ايندي آهي، مغفرت ڪٽي ايندي آهي، بُري موت مان مراد خراب خاتمو آهي يا غفلت وارو اوچتو موت، يا موت جي وقت اهڙي علامت جو ظاهر ٿيڻ جيڪا موت کان پوءِ بدنامي جو باعث ٿئي ۽ اهڙي سخت بيماري جيڪا ميت جي دل ۾ گهبراهٽ پيدا ڪري الله کان غافل ڪري ڇڏي، سخي پانهو تمام براين کان محفوظ رهندو. (مرآة المناجيح،٣/١٠٣،ملتقطاً)

www.dawateislami.net

میں سب دولت راہِ حق میں لُٹاؤں
شہا ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو تہ صدقو بُرائين جي دروازن کي بند کندو آهي، صدقو رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي غضب کي وسائي ٿو، صدقي ۾ بيمارن جي لاءِ شفا آهي، صدقو حادثن کان حفاظت جو ذريعو آهي، صدقو نيڪين ۾ اضافي جو وسيلو آهي ۽ صدقو بُري موت کان بچائڻ جو سبب آهي. پر افسوس! صدقي جا ايتري قدر فضائل جي باوجود اسان نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ کان پوئتي هٽندا پيا وڃون، شايد انهيءَ ڪري اسان مان هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن مصيبت جو شڪار نظر اچي پيو ڪو گهريلو ۽ خانداني مسئلن ۾ مبتلا آهي تہ ڪو معاشرتي ۽ معاشي پريشانين ۾ گرفتار آهي الغرض مختلف بيمارين ۽ مصيبتن معاشري کي چئني پاسن کان پنهنجي وڪڙ ۾ ورتو آهي، نيون نيون بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن، ماهر ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن کان علاج ڪرائڻ تي بہ مرض مان جند نہ پئي ڇٽي، گهريلو جهيڙا روز جا معمول بڻجي چڪا آهن، بي روزگار ماڻهو قابليت جي باوجود نوڪري جي لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن، غربت وڌي رهي آهي، قرض خواه قرضن جي وصولي جي لاءِ ڌڪا کائي رهيا آهن، قرض دار قرضن جي بوجھ هيٺ دٻجي رهيا آهن، برائيون ۽ نت نئوان جرم (Crimes) وڌي رهيا آهن، يقيناً هي سڀ اسان جي عملن جي شامت جو نتيجو آهي. ياد رکو! پريشانيون ۽ بيماريون تہ زندگي جو حصو آهن پر انهن جي ڪري روڄ راڙو ڪرڻ ۽ مايوسي جو شڪار ٿيڻ بدران اخلاص سان نيڪ عمل ڪريو گناهن کان پري رهو ۽ مصيبتن کان ڇوٽڪارو

www.dawateislami.net

ڏيارڻ وارو عمل يعني صدقو ڏيڻ جي عادت بڻايو تہ صدقو ڏيڻ کان جتي بلائن کان حفاظت رهندي آهي، اتي ان جي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ ان جو بهتر بدلو بہ عطا ڪندو آهي، جيئن تہ

منقول آهي تہ هڪ ڀيري امير المؤمنين مولا مشڪل ڪشا حضرت سيدنا علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر مبارڪ ۾ پنج افراد هئا، مولا مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ، خاتونِ جنت، شهزادي ڪونين، سيدة النساء حضرت سيدتنا فاطمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا، حسنين ڪريمين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ۽ سندن جو هڪ غلام حارث، صبر و رضا جي پيڪر انهن پاڪ هستين جي فقر جو عالم هي هو تہ ٽن ڏينهن کان ڪنهن بہ ڪجهہ نہ کاڌو هو. جيئن تہ خاتونِ جنت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا مولا مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي پنهنجو هڪ لباس ڏنو تہ جيئن ان کي فروخت ڪري کائڻ پيئڻ جي لاءِ ڪجهہ وٺي اچي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ لباس وٺي ڪري بازار جي طرف ويا ۽ ڇهہ درهم ۾ ان کي فروخت ڪري ڇڏيو، واپسي تي ڪنهن الله جي نالي سان مدد جو سوال ڪريو تہ مولا مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن پنهنجي رب جي پروسي تي سيئي درهم راهِ خدا ۾ ڏئي ڇڏيا ۽ پاڻ صبر و رضا جو دامن هٿ ۾ کڻي واپسي جي راهہ ورتي.

بھوکے رہ کے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے
کیسے صابِر تھے محمّد کے گھرانے والے

رستي ۾ هڪ شخص کي ڏاچي سميت بيهندي ڏٺو، جنهن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي عرض ڪيو: يا ابا الحسن) هي مولا مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڪنيت آهي (ڏاچي خريد ڪندو؟ ارشاد فرمايائون: ڇو نہ! ڪيتري جي آهي؟ ان عرض ڪيو 100 درهم جي. فرمايائون: مون وٽ رقم ناهي. ڪپائڻ وارو چوڻ لڳو:

www.dawateislami.net

اوڏار تي خريد ڪيو جڏهن رقم اچي تہ ادا ڪري ڇڏجو. فرمايائون: تمام سنو! جيئن تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ 100 درهم ۾ اوڌر تي اها ڏاچي خريد ڪئي ۽ اڳتي وڌيا تہ هڪ ٻيو شخص مليو جنهن عرض ڪيو: يا ابا الحسن! ڏاچي وڪڻيدؤ؟ فرمايائون: چو نہ! پڇيو: ڪيتري ۾ خريد ڪئي؟ فرمايائون 100 درهم ۾. چوڻ لڳو: 60 وني وڪڻي ڇڏيو. فرمايائون: تمام سنو! جيئن تہ پاڻ اها ڏاچي فروخت ڪئي. اڳتي وڌيا تہ ڪپائڻ وارو مليو جنهن پاڻ کي خالي هٿ ڏسي پڇيو: اها ڏاچي ڪٿي آهي؟ ڇا وڪڻي ڇڏي؟ فرمايائون: ها! وڪڻي ڇڏي. پڇيو ڪيتري ۾؟ ٻڌايائون: 160 درهم ۾. عرض ڪيو: منهنجا 100 مون کي واپس ڪريو. اوهان ان جا 100 درهم ان کي ڏئي ڇڏيا ۽ بقيہ 60 درهم وجي خاتونِ جنت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي عطا فرمائي ڇڏيا، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ايترا درهم ڏسي حيران ٿي وئي. ڇو تہ جيڪو لباس اوهان ڏنو هو اهو ايترو قيمتي نہ هو جو 60 درهم ۾ وڪڻجي. لهذا پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا پڇيو: هي درهم ڪٿان آيا؟ تہ مولا مشڪل ڪشا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايائون: مان ڇهہ درهمن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ سان تجارت ڪئي جو ان جي راهہ ۾ ڇهہ درهم صدقو ڪيو ۽ ان مون کي 6 مان 60 موٽائي ڏنا، باذن پروردگار ٻنهي عالم جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ مبارڪ ۾ حاضر ٿيس ۽ پنهنجو سڄو واقعو عرض ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: اي علي! ڇا توهان ڄاڻيو ٿا تہ ڪالهہ جو معاملو ڇا هو؟ عرض ڪيو: وَاللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم) يعني الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻن ٿا (تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن غيب جي خبر ڏيندي ارشاد فرمايائون: اي علي! ڪالهہ جنهن ڏاچي کپائي اهي ميڪائيل) عَلَيْهِ السَّلَام (۽ جنهن ڏاچي خريد ڪئي اهي جبرائيل) عَلَيْهِ السَّلَام (هئا ۽ جيڪا ڏاچي اوهان خريد ڪئي ۽ وڪڻي اها منهنجي ڏيءِ

www.dawateislami.net

خاتونِ جنت جي قيامت جي ڏينهن سوراي هوندي.)

## اسلاف جو معمول

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان جتي امام الاسخياء، مولا مشڪل ڪشا علي المرتضٰي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي سخاوت ۽ خاندانِ نبوت جي فضيلت جي خبر پئي، اتي رضاء الٰهي جي حصول جي لاءِ صدقو ۽ خيرات ڏيڻ جي اهميت بہ اجاگر ٿئي ٿي. جو تہ راهہ خدا ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ اسان جي آقا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم سنت آهي، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درِ جود مان ڪو سوالي خالي نہ ويندو، اهو ئي سبب آهي جو تمام اسلاف يعني بارگاهِ نبوت مان تربيت پائڻ وارا صحابہ ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان، تابعين ۽ تبع تابعين، اولياء ڪاملين ۽ علماء دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی بہ صدقو ۽ خيرات جي ذريعي فقراء و مساڪين جي مدد ڪري ان جي برڪتن سان فيضياب ٿيندا رهيا. الغرض هي سلسلو صدين تي محيط آهي ۽ تا قيام قيامت جاري رهندو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## صدقي جو انعام

حضرت سَيدُنا عطاء رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ هڪ پيري زماني جي مشهور بزرگ حضرت سَيدُنا ابُو مُسلِم خَولاني رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه کي سندن زوجہَ محترمہ چيو: اسان وٽ اٽو بلڪل ختم ٿي ويو آهي ۽ کائڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ ناهي. پاڻ فرمايائون: ڇا توهان وٽ ڪجهہ رقم موجود آهي جنهن کان اٽو خريد سگهجي؟ انهن عرض ڪيو: مون وٽ هڪ درهم آهي جيڪو اُن وڪڻي حاصل ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون: اهو درهم ڪڍي اچ مون کي ڏيو، مان اٽو خريدي ڪري اچان ٿو پوءِ پاڻ هڪ درهم ۽ ٿيهلو کڻي بازار ڏانهن نڪتا. جڏهن دڪان تان اٽو خريدڻ چاهيو تہ اوچتو هڪ فقير اچي ويو ان چيائين: اي

ابو مسلم خولاني! هي درهم مون تي صدقو ڪري ڇڏيو. پاڻ اتان ڪان موٽيا ۽ ٻي دڪان تي پهتا، جيئن ئي پاڻ اٽو خريدڻ چاهيو ته ٻيهر اهو ئي فقير اچي ويو ۽ چوڻ لڳو: اي ابو مسلم خولاني! مان گهڻو مجبور آهيان، هي درهم مون تي صدقو ڪريو. اهڙي طرح اهو فقير اوهان جي پويان لڳل رهيو نيٺ پاڻ اهو درهم فقير کي ڏئي ڇڏيو. هاڻي سوچڻ لڳا ته گهر وارن کي ڇا جواب ڏيندس، اهي ته خالي ٿيهلو ڏسي پريشان ٿي ويندي! پوءِ پاڻ ڪاٺ جو ڪم ڪرڻ واري جي دڪان تي ويا ۽ اتان ڪان ٿيهلي ۾ ڪاٺي جو ٻُورو ۽ مٽي پري ۽ گهر ڏانهن واپس موٽيا. گهر پهچي دروازو کڙڪايو جيئن ئي دروازو کوليو ته پاڻ اهو ٿيهلو گهر وارن جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ گهر ۾ داخل ٿيڻ بدران واپس موٽي آيا، پاڻ پريشان هئا ته جڏهن ٿيهلا کوليو ويندو ته ان مان مٽي ۽ ڪاٺي جو ٻُورو نڪرندو ۽ گهر وارا اٽو نه ملڻ جي ڪري گهڻو پريشان ٿيندا، انهيءِ خوف ۽ پريشاني جي ڪري اوهان سڄو ڏينهن گهر نه ويا. جڏهن اوهان جي زوجه محترمه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا ٿيهلو کوليو ته اهو نهايت ئي بهترين اٽي سان ڀريل هو پوءِ انهن جلدي جلدي ڪاڌو تيار ڪيو ۽ اوهان جو انتظار ڪرڻ لڳيون. جڏهن پاڻ رات جو خاموشي سان گهر ۾ داخل ٿيا ته سندن زوجهَ محترمه هڪدم پاڻ جي لاءِ بهترين قسم جون مانيون ڪٽي آئي، مانيون ڏسي پاڻ حيران ٿيا ۽ پڇيائون: هي مانيون ڪٿان آيون؟ ته سندن زوجه چيائين: هي انهيءاٽي جون مانيون آهن جيڪو اوهان وٺي آيا هئا. هي ٻڌي پاڻ روئڻ لڳا ۽ پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو ته ان منهنجي عزت رکي ۽ مٽي کي عمده اٽي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. (عيون الحكايات،١/١٧٠،بتغير قليل)

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ     بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کار ساز کا

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو ته صدقو ڏيڻ ۽ محتاجن جي خير خواهي ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ وٽ ڪيتري قدر پسنديده عمل آهي ته جيڪو مسلمان اخلاص سان صدقو ۽ خيرات ڪري محتاجن جي دل خوش ڪندو آهي ته عزّت ڏيڻ وارو پروردگار عَزَّوَجَلَّ اهڙي ٻانهي کي محتاجي جي باوجود ڪنهن جي اڳيان شرمسار ٿيڻ ناهي ڏيندو بلڪ ان جي سوچ کان وڌيڪ نوازيندو آهي جيئن ته بيان ڪيل حڪايت مان ظاهر ٿيو ته جڏهن حضرت سَيِّدُنا ابُو مسلِم خولاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پاڻ ضرورت مند هئڻ جي باوجود اٽي جي رقم راهِ خدا ۾ صدقو ڪئي ته سندن ڏنل صدقو بارگاهِ خُداوندي ۾ ايتري قدر مقبول ٿيو جو الله عَزَّوَجَلَّ ڪاٺي جي ٻُوري ۽ مٽيءَ کي عُمده اٽي ۾ تبديل فرمائي ڇڏيو، ائين ئي پاڻ کي ۽ گهر وارن کي بهترين ماني نصيب ٿيون، اسان کي به کپي ته اسان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ وقت هن ڳالهه کي ذهن ۾ بلڪل به نه آڻيون ته مال ۾ ڪمي ٿي ويندي يا اسان ڪٿان ڪائينداسين؟ يا ڦلاڻي ڦُلاڻي ڪم جي لاءِ به ته ضرورت آهي وغيره. ياد رکو! بظاهر ته اسان کي لڳي ٿو ته مال ۾ ڪمي ٿي ويندي آهي پر حقيقت ۾ ان مان مال ۾ اضافو ئي ٿيندو آهي بلڪ دنيا ۽ آخرت جا ڪوڙ فائدا (Benefits) به حاصل ٿيندا آهن، ها جيڪڏهن مال ۾ ڪمي جي خوف سان صدقو نه ڏينداسين ته ممڪن آهي رِزق ۾ بي برڪتي ۽ تنگدستي پيدا ٿي وڃي، جيئن حضرتِ سيدَتُنا اَسماء رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْها فرمائن ٿيون:

رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: صدقي ۽ خيرات کي نه روڪيو، ڪٿي توهان جو رِزق نه روڪيو وڃي. (بخاري، ڪتاب الزڪاة، باب التحريض علي الصدقة ۔۔۔ الخ ، ۱/ ۴۸۳ ، حديث : ۱۴۳۳)

www.dawateislami.net

حضرتِ سيدُنا امام بدرُ الدّين عيني رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن حديث جي تحت فرمائن ٿا: هن خوف سان پنهنجي مال کي صدقو ڪرڻ کان نہ روڪيو تہ اهو ختم ٿي ويندو، ڇوتہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توهان تي مال جي تنگي فرمائيندو يا توهان کان مال روڪي وٺندو ۽ رِزق جا ذريعا ختم فرمائيندو. هي حديثِ پاڪ هن ڳالھ تي دلالت ڪري رهي آهي تہ صدقو مال وڌائي ۽ ان ۾ برڪت ۽ زيادتي جو سبب ٿيندو آهي ۽ جيڪو بُخل کان ڪم وٺي ۽ صدقو نہ ڪري تہ اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ ان جي مال ۾ تنگي فرمائيندو ۽ مال ۾ برڪت ۽ اضافو ٿيڻ کان بہ روڪي ڇڏيندو.
(عمدة القاري ، كتاب الزكاة ، باب التحريض ـــالخ ، ۶/ ۴۱۰ ، تحت الحديث : ۱۴۳۳)

اسان کي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ جيتري قدر ممڪن ٿئي صدقو ۽ خيرات جي عادت بنائڻ گهرجي ۽ ان جي ذات تي ڪامل ڀروسو بہ رکڻ گهرجي تہ هو اسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو بهتر بدلو عطا فرمائيندو. اسان جا بزرگ سڳورا اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڪهڙو ڪامل يقين رکندا هئا، اچو! هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن

## رابعہ بصريہ جو ڪامل يقين

ہہ بزرگ حضرت سَيدَتُنَا رابعہ بصريہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہا وٽ مُلاقات جي لاءِ حاضر ٿيا ۽ پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳا تہ جيڪڏهن رابعہ هن وقت ڪاڏو پيش ڪيو تہ تمام سنو آهي ڇاڪاڻ تہ انهن وٽان حلال رزق ملي ويندو. ان وقت اوهان جي گهر ۾ صرف 2 ئي مانيون هيون، پاڻ اهي مانيون انهن ٻنهن جي اڳيان رکي ڇڏيون، ايتري ۾ ڪنهن سوالي دروازي تي صدا لڳائي تہ پاڻ اهي ٻئي مانيون کڻي ان کي ڏئي ڇڏيون، هي ڏسي اهي ٻئي حيرت ۾ پئجي ويا. ڪجھ ئي دير کان پوءِ هڪ ڪنيز (ٻانهي) ڪوڙ گرم مانيون کڻي خدمت ۾

حاضر ٿيون ۽ ڪنيز عرض ڪيو تہ هي منهنجي مالڪا موڪليون آهن.

حضرت سَيِدَتُنَا رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيها جڏهن ڳڻتي ڪيون تہ اهي 18 مانيون هيون، هي ڏسي اوهان ڪنيز کي فرمايو: شايد توهان کي غلط فهمي ٿي آهي، هي مانيون مون وٽ نہ بلڪ ڪنهن ٻي جي لاءِ موڪليون ويون آهن. ڪنيز يقين سان عرض ڪيو هي اوهان جي لاءِ ئي موڪليون ويون آهن، پر اوهان ڪنيز جي لاڳيتو اِصرار جي باوجود مانيون واپس موٽائي ڇڏيون. ڪنيز جڏهن واپس وڃي پنهنجي مالڪ سان اهو ماجرا بيان ڪيو تہ ان حڪم ڏنو تہ هن ۾ مزيد 2 مانين جو اِضافو ڪري کڻي وڃو، ڪنيز جڏهن 20 مانيون کڻي حاضر ٿي ۽ حضرت سَيِدَتُنَا رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيها ڳڻتي فرمائي پوءِ انهن جي ذريعي مهمانن جي خاطر ڏاري ڪئي. ڪاڌي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن انهن ٻنهي هن واقعي بابت پڇيو تہ حضرت سَيِدَتُنَا رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيها ارشاد فرمايو: جڏهن اوهان تشريف فرما ٿيو تہ مون کي اندازو ٿي ويو اوهان بکايل آهيو پوءِ جيڪو ڪجهہ گهر ۾ حاضر هو، اهو مون پيش ڪري ڇڏيو، ايتري ۾ سوالي صدا لڳائي تہ مان اهي ٻئي مانيون ان کي ڏئي بارگاهہ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو وعدو هڪ جي بدلي 10 ڏيڻ جو آهي ۽ مون کي تنهنجي وعدي تي ڪامل يقين آهي. جڏهن اها ڪنيز 18 مانيون کڻي آئي تہ مون سمجهي ورتو تہ هن معاملي ۾ ضرور ڪا غلطي ٿي آهي، ان ڪري مون انهن کي واپس موٽايو، پوءِ جڏهن اهي 20 مانيون کڻي آئي تہ مون وعدي جي تڪميل سمجهي انهن کي قبولي ورتو. (تذکرة الاولياء،ذکر رابعه،۱/۶۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي جن ٻانهن کي مال ۽ دولت سان نوازيو آهي، ان مان بعض صدقي ۽ خيرات جي ذريعي پنهنجي مسلمان ڀائرن جي مالي مدد ڪن ٿا، مسجدن مدرسن ۽ دِيني ڪمن ۾ دل کولي خرچ ڪن ٿا، بعض خوش نصيب غريب دِيني شاگردن جي ان انداز سان به مالي مدد ڪن ٿا جو ڪنهن کي قرآنِ ڪريم وٺي ڏنو، ڪنهن کي ڪتاب خريدي ڏنا، ڪي عاشقانِ رسول پنهنجو مال راهِ خدا ۾ ان انداز سان خرچ ڪن ٿا مثال طور جامعات ۽ مدارس جي استادن ۽ مدني عملي جو ماهوار مشاهرو (Salaries) پنهنجي ذِمّي کڻن ٿا، بعض خوش نصيب جامعات ۽ مدارس جي مطبخ (Kitchen) جي اخراجات ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن ٿا. بعض مسجدن جي تعمير ۾ حصو وٺن ٿا ۽ ڪي اِمام ۽ موذِّن جي مُشاهري (تنخواه) جي ترڪيب ڪن ٿا. پر بدقِسمتي سان ڪي مالدار هئڻ جي باوجود ڪنجوسي ڪان ڪم وٺندي مسلمانن جي خيرخواهي ۽ نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ته پري جي ڳالهه پنهنجي ٻارن ٻچن جي حقن جي لاءِ به خرچ ڪرڻ جو ذهن نٿا رکن، اهڙن ماڻهن کي لڪين فضيلتون ٻڌايون وڃن، راهِ خدا ۾ مال صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جون برڪتون ٻڌايون وڃن پر انهن کي ڪنهن جي غُربت جو احساس ناهي ٿيندو، جيڪڏهن انهن سان مسجد ۽ مدرسي جي تعميرات وغيره سٺن ڪمن ۾ تعاون جي درخواست ڪئي وڃي ته جان ڇڏائڻ جي لاءِ چوندا آهن ”هينئر هٿ تنگ آهي بعد ۾ اچجو“ پر جڏهن انهن تي بيماري، قرضداري، ڪاروبار ۾ نقصان ۽ فيڪٽري ۾ باهه لڳڻ جهڙيون مصيبتون نازل ٿينديون آهن ته ان وقت انهن کي محتاجن سان همدردي، انهن جي مدد، مسجدن ۽ مدرسن وغيره جي تعميرات ۽ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جو خيال ايندو آهي.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هتي هڪ توجهه لائق ڳالهه آهي، اها هي تہ جيڪڏهن اسان ڪنهن اهڙي مسلمان کي سڃاڻون ٿا تہ جنهن کي هڪ عرصي سان بيمارين جڪڙي رکيو آهي، ڪيئي سالن کان قرض جي بار هيٺ دٻيل آهي، ڏينهو ڏينهن ڪاروبار ۾ مسلسل نقصان ئي ٿي رهيو آهي، فيڪٽري، دُڪان يا گهر ۾ ڪنهن سبب باهه لڳڻ سان لکين يا ڪروڙين روپين جو نقصان ٿي ويو، ايستائين جو ان جو جاني نقصان بہ ٿي ويو وغيره. هاڻي ٿي سگهي ٿو تہ شيطان اهو وسوسو ڏياري ۽ ان جي باري ۾ بدگماني اسان جي دل ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري تہ فُلاڻي جو جيڪو نقصان ٿي رهيو آهي، هي انهيءَ ڪري آهي جو هي ڪنجوس آهي، صدقو ۽ خيرات ناهي ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ مال خرچ ڪندي ان جي دل گهبرائي ٿي، بلڪ هن جي دل ناهي چاهيندي. ياد رکو! هن موقعي تي اسان کي شيطان جي وسوسن ۾ ناهي اچڻو، ڇوتہ اسان وٽ ڪو اهڙو آلو نہ آهي، جنهن سان اسان ڪنهن مسلمان جي باري ۾ جانچي سگهون تہ هي بُخل جي ڪري فُلاڻي بيماري ۾ مُبتلا آهي، هي صدقو ۽ خيرات نہ ڪرڻ جي ڪري فُلاڻي مصيبت ۾ گرفتار آهي، اسان کي هر مسلمان جي باري ۾ هميشہ حُسنِ ظن ئي رکڻو آهي، اسان کي خبر ناهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ڪنهن جو ڪهڙو مقام آهي؟ ان مالڪ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ڪنهن جو صدقو ۽ خيرات مقبول آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هر مسلمان جي عزّت جو تحفظ نصيب فرمائي ۽ حُسنِ ظن جي لازوال دولت سان مالا مال فرمائي. اٰمين.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! شيطانِ لعين انسان کي مال جي ڪمي جو خوف ڏياري نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ کان روڪيندو آهي. ان کان پهريان جو اسان کي ڪا مصيبت پهچي، ڪا آفت اچي يا ڪنهن بلا ۾ مبتلا ٿي وڃون

اسان کي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ايندڙ بلائن کان محفوظ رهي سگهون.

اچو هن باري ۾ 2 ايمان افروز حڪايتون ٻڌون ٿا، جيئن

## هڪ گرهہ جي برڪت سان ٻار جي جان بچي وئي

حضرتِ سيدُنا عِڪرمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا:" حضرت سيدُنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان مروي آهي تہ حضور نبي پاڪ، صاحبِ لَوْلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:" هڪ عورت جي وات ۾ گرهہ هو ايتري ۾ سوالي صدا لڳائي ان اهو گرهہ سوالي کي ڪارائي ڇڏيو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ان وٽ هڪ ٻار جي ولادت ٿي، جڏهن هو ڪجهہ وڏو ٿيو تہ ان کي بگهڙ کڻي ويو، عورت ان بگهڙ جي پويان ڀڄندي پڪاري رهي هئي "منهنجو پٽ، منهنجو پٽ" اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ ملائڪ کي حڪم ڏنو تہ بگهڙ جي پويان وڃ ۽ ان جي منهن مان ٻار کي کسي وٺو (۽ ان جي ماءُ جي حوالي ڪري ڇڏيو) ۽ ان جي ماءُ کي چئو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان تي سلام موڪليو آهي ۽ فرمايو آهي تہ هي گرهہ، گرهہ جي بدلي آهي." (المجالسة وجواهر العلم،الجزء السادس والعشرون،الحديث٣٦٢٢، ٣/٢٧٧)

## هڪ ماني هلاڪت کان بچائي ورتو

حضرتِ سيدُنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، رسولِ ڪريم رءُوف رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:" توهان کان پهريان هڪ شخص هو جيڪو هر ڀيري پکي جي آکيڙي مان ٻچا ڪڍي وٺندو هو. پکي ان جي خلاف اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ شڪايت ڪئي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو:" جيڪڏهن هو انهيءَ حال تي باقي رهيو تہ هلاڪ ٿي ويندو." جڏهن ان سال هو شخص گهران چاڙهي ڪٽي پکي جي ٻچن کي پڪڙڻ جي لاءِ نڪتو تہ وات ۾ ان کي هڪ فقير مليو، ان پنهنجي سامان مان هڪ ماني فقير کي ڏئي ڇڏي، پوءِ وڻ جي

متي چڙهي ٻچن کي پڪڙي ورتو. انهن جا ماءُ پيءُ هي منظر ڏسي رهيا هئا تہ انهن الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: "يا الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان سان واعدو فرمايو هو تہ هن پيري اهو هلاڪ ٿي ويندو پر هو تہ صحيح سلامت وجي رهيو آهي؟" الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو:"ڇا توهان کي خبر ناهي تہ جيڪو شخص ڪنهن ڏينهن ڪو صدقو ڪري آئون ان کي ان ڏينهن هلاڪ نہ ڪندو آهيان نہ ئي ان کي ان ڏينهن ڪا بُرائي پهچندي آهي."

(ڪنزالعمال،ڪتاب الزکاة، قسم الاقوال، الحديث۱۶۱۱۲، ج۶، ص۱۵۹)

يا نبی تيری دُہائی آفتوں ميں گھر گيا
رُخ بدل دے مشکلوں کا اور بلائيں مجھ سے پھير

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صدقو ڏيڻ جا فائدا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو! هن حڪايتن ۾ صدقي جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون ظاهر ٿيون، پهرين حڪايت ۾ هڪ عورت کي هڪ گرھ صدقو ڪرڻ جي اها برڪت ملي جو ملائڪ بگهڙ جي وات مان ان جو ٻار ڪسي ان عورت کي واپس موٽائي ڇڏيو ۽ اهڙي طرح ٻار جي جان بچي وئي، ٻي حڪايت ۾ پکي جي آکيري مان ٻچا ڪڍڻ وارو شخص هلاڪ ٿيڻ کان ان ڪري بچي ويو جو وات ۾ ان بہ هڪ ماني صدقو ڪئي هئي ۽ ان صدقي جي برڪت سان ان جي بہ جان بخشجي وئي.

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه صدقو ڏيڻ جا فائدا بيان ڪندي فرمائن ٿا: صدقو ڏيڻ سان عمر ۾ اضافو ٿيندو، رزق جي ڪشادگي ۽ مال ۾ ڪثرت ٿيندي، ان جي عادت سان ڪڏهن محتاج نہ

www.dawateislami.net

ٿيندا، خير ۽ برڪت حاصل ڪندا، آفتون ۽ بلائون دور ٿينديون، بري قضا ٽرندي، ستر دروزا بُرائي جا بند ٿيندا، ستر قسمن جون بلائون دور ٿينديون، انهن جا شهر آباد ٿيندا، بدحالي دور ٿيندي، خوفِ انديشه ختم ٿيندو ۽ دلي اطمينان حاصل ٿيندو، **الله** عَزَّ وَجَلَّ جي مدد شامل حال ٿيندي، رحمتِ الٰهي انهن لاءِ واجب ٿيندي، ملائڪ انهن تي درود موڪليندا، **الله** عَزَّ وَجَلَّ جي رضا جا ڪم ڪندا، **الله** تعالي جو غضب انهن کان پري ٿيندو، انهن جا گناهه بخشيا ويندا، انهن جي لاءِ مغفرت واجب ٿي ويندي، انهن جي گناهن جي باهه وسامي ويندي. بيمارين، قيامت جي ڏينهن دوزخ کان امن ۾ رهندا، دوزخ جي باهه انهن تي حرام ٿيندي، آخرت ۾ احسان الٰهي مان فائدو حاصل ڪرڻ وارا هوندا، خداعَزَّ وَجَلَّ چاهيو ته ان مبارڪ گروه (ٽولي) مان ٿيندا جيڪو حضور پرنور سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعل اقدس جي صدقي سڀ کان پهرين جنت ۾ داخل ٿيندا.

(فتاويٰ رضويه،۱۵۳/۲۳، ۱۵۴ملتقطاً)

بِلا حساب ہو جنّت میں داخلہ یا رَبّ
پڑوس خُلد میں سَروَر کا ہو عطا یا رَبّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڪن ماڻهن جي اها عادت هوندي آهي ته محتاجي جو بهانو ٻڌائي صدقي ۽ خيرات جي معاملي ۾ سُستي ۽ بُخل سان ڪم وٺندا آهن ۽ حال پڇڻ تي شڪوي شڪايات جا انبار لڳائيندا آهن. هي اها خطرناڪ بُرائي آهي جو جنهن جي مذمّت قرآنِ ڪريم ۾ به بيان ڪئي وئي آهي جيئن سيپاري 26سوره محمد جي آيت نمبر 38 ۾ ارشادِ ربّاني آهي:

www.dawateislami.net

هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ یَّبْخَلُۚ وَ مَنْ یَّبْخَلْ فَاِنَّمَا یَبْخَلُ عَنْ نَّفْسِهٖؕ وَ اللّٰهُ الْغَنِیُّ وَ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُۚ وَ اِنْ تَتَوَلَّوْا یَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَیْرَكُمْۙ ثُمَّ لَا یَكُوْنُوْۤا اَمْثَالَكُمْ۠ (۳۸)

**ترجمہ کنزُ الایمان:** هائو! توهان تہ اهي آهيو جو سڏيا ويندا آهيو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي واسطي پوءِ توهان مان ڪو بخل ڪندو آهي ۽ جيڪو بخل ڪري اهو پنهنجي ئي جان تي بخل ڪري ٿو ۽ الله بي نياز آهي ۽ توهان سمورا محتاج ۽ جيڪڏهن توهان منهن ڦيريو تہ اهو توهان جي جاءِ تي ٻيا ماڻهو آڻيندو پوءِ اهي توهان جهڙا نہ هوندا.

مشهور مُفسّرِ قرآن ،حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه ارشاد فرمائن ٿا: بُخل جي معنيٰ آهي روڪڻ، اِصطلاح ۾ بخل هي آهي (تہ) اتي (خرچ ڪرڻ) کان مال وغيره جو روڪڻ، جتان (روڪڻ) مناسب نہ هجي، حقوق جو ادا نہ ڪرڻ بہ بخل آهي، چاهي انسانن جو حق ادا نہ ڪري يا شريعت جو يا الله تعاليٰ جو، تنهنڪري زڪوٰة نہ ڏيڻ وارو، پنهنجي حاجت مند ماءُ پيءُ، ٻارن ٻچن، اهلِ قرابت (رشتيدارن) تي خرچ نہ ڪرڻ وارو ۽ پاڻ تي خرچ نہ ڪرڻ وارو بخيل (آهي)، ائين ئي ضرورت جي وقت مسلمانن تي خرچ نہ ڪرڻ وارو بخيل (آهي). (تفسيرنعيمي، ۳۷۷/۴ملتقطاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! زڪوٰة ۽ صدقي ۽ خيرات جو شُمار مالي عبادت ۾ ٿيندو آهي ۽ ان عبادت جي توفيق الله عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن کي ڏيندو آهي، جنهن جي دلين ۾ غريبن ۽ مسڪينن جي حاجت روائي جو جذبو هوندو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي زڪوٰة وغيره ادا نٿا ڪن، اهي پنهنجو پيٽ ڀرڻ ۽ بينڪ بيلنس (Bank Balance) بنائڻ جي فڪر ۾ مگن رهندا آهن، شايد اهي هي سمجهندا هوندا تہ جهڙي طرح انهن جو پنهنجو پيٽ ڀريل آهي، اهڙي طرح

ٻين جو پيٽ ڀ پريل هوندو. بخل ڪيتري قدر خطرناڪ بيماري آهي. اچو! هن باري ۾ 3 فرمان مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو جيئن

1. ارشاد فرمايائون: بُخل جهنم ۾ هڪ وڻ آهي، جيڪو بخيل آهي، هن ان جي ٽاري پڪڙي ورتي آهي، اها ٽاري ان کي جهنم ۾ داخل ڪرڻ بنا نہ ڇڏيندي. (شعب الايمان،۷/۴۳۵، الحديث: ۱۰۸۷۷)

2. ارشاد فرمايائون: مالدار بخل ڪرڻ جي ڪري بِلا حساب جهنم ۾ داخل ٿيندا. (فردوس الاخبار، باب السين، ۱/۴۴۴، حديث: ۳۳۰۹)

3. ارشاد فرمائون: هر اهو ڏينهن جنهن ۾ انسان صبح جو اُٿندا آهن تہ ان ۾ 2 ملائڪ لهندا آهن، انهن مان هڪ ملائڪ چوندو آهي: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! (پنهنجي راهہ ۾) خرچ ڪرڻ واري کي ان جو بدلو عطا فرماءِ ۽ ٻيو چوندو آهي: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! بُخل ڪرڻ واري جي مال کي برباد فرماءِ. (بخاري، ڪتاب الزڪاة، باب قول الله تعالي:(فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰي)...الخ، ۱/۴۸۵، حديث:۱۴۴۲)

دولتِ دُنیا سے بے رَغبت مجھے کردیجئے

میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو تہ بخيل شخص ڪيترو وڏو بد بخت هوندو آهي جو ڪنجوسي جو مظاهرو ڪري پاڻ کي جهنم جو حقدار ڪندو آهي ۽ معصوم ملائڪن جي دُعاءِ هلاڪت سان ان جو مال برباد ٿيندو آهي تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ سمجهداري جو مظاهرو ڪندي مال جا حق ادا ڪيا وڃن ۽ دل کولي صدقي ۽ خيرات جي عادت بڻائي وڃي ڇاڪاڻ تہ

www.dawateislami.net

جيڪڏهن اسان مال جا حق ادا نہ ڪيا تہ ياد رکو! اهو ئي مال جنهن کي اسان وڏي مَحَبَّت سان گڏ ڪري رکيو آهي، سڀاڻي اسان کي ذِلّت ۽ رُسوائي جي اونهي کڏ ۾ بہ ڪرائي سگهي ٿو. اچو! صدقو ۽ خيرات نہ ڏيڻ بابت هڪ عبرت ناڪ حڪايت ٻڌون ٿا۔

## فقير کي ڌڪارڻ وارو پاڻ فقير بڻجي ويو

هڪ مصيبت زده فقير هڪ مالدار شخص اڳيان پنهنجي حاجت جو اظهار ڪيو پر مالدار شخص فرياد ٻڌڻ بدران اُلٽو ان کي زبان سان تڪليف ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ ان کي خوب ذليل ڪيو. فقير جي دل خون خون ٿي وئي ۽ جذبات ۾ هڪ آه ڪڍي چيائين: توهان جي ڪاوڙ جو سبب شايد هي آهي تہ توهان کي خيرات گهرڻ جي ذِلّت جو احساس ناهي. هي جُملو ٻڌي مالدار شخص ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ فقير کي غلام جي ذريعي ڌڪا ڏياري ٻاهر ڪڍائي ڇڏيو. عزت ۽ ذلت ڏيڻ واري مالڪ و موليٰ عَزَّوَجَلَّ جو ڪرڻ ائين ٿيو جو اهو غرور ڪرڻ وارو مالدار ڪجھ عرصي کان پوءِ ڪنگال ٿي ويو. دوست، رشتيدار ۽ غلام ۽ نوڪر سڀ ڇڏي ويا ۽ هي شخص روڊ تي اچي ويو. جنهن غلام فقير کي پنهنجي آقا جي حڪم سان ڌڪا ڏئي ڪڍيو هو ان کي هڪ نئين مالدار آقا خريدي ورتو. هي آقا نهايت نرم دل، فرياد ٻڌڻ وارو ۽ مهربان هو، غريبن، فقيرن جي مدد ڪرڻ کان وڌيڪ ان کي ڪنهن شيءِ ۾ خوشي محسوس نہ ٿيندي هئي. اهو ئي سبب هو جو هر وقت ان جي دروازي تي فقيرن جي رش لڳل رهندي هئي. هڪ رات ڪنهن فقير ان جي دروازي تي صدا لڳائي، غلام فقير جي مدد ڪرڻ جي نيت سان جيئن ئي دروازو کوليو، ان کان رڙ نڪري پئي ڇوتہ سامهون مَوجُود فقير کو ٻيو نہ ان جو پُراڻو آقا هو، پنهنجي پراڻي آقا جي اها حالت ڏسي غلام جي اکين ۾ لڙڪ

اچي ويا ۽ ان جي مدد ڪري پنهنجي موجوده آقا وٽ هليو ويو. آقا جڏهن غلام کي اُداس ڏٺو پڇيو: ڇا ڪنهن توهان کي ڪا تڪليف پهچائي آهي؟ اهو ٻڌي غُلام پنهنجي پُراڻي آقا جي حال سان ان کي آگاهه ڪيو، سڄي ماجرا ٻڌڻ کان پوءِ آقا چيو: مان ئي اهو فقير آهيان، جنهن کي ان ڌڪا ڏياري ڪڍائي ڇڏيو هو ۽ اڄ ڏسو تہ وقت ڪيئن بدليو جو قدرت ان کي منهنجي ئي دروازي تي خيرات گهرڻ جي لاءِ بيهاري ڇڏيو. (اَلْاَمَانَ وَالْحَفِيظ) (بوستان سعدي ، باب دوم در احسان، ص٨٠)

تمہیں معلوم کیا بھائی! خدا کا کون ہے مقبول — کسی مومن کو مت دیکھو کبھی بھی تم حقارت سے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! — صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو تہ رَبُّ الْعٰلَمِين عَزَّوَجَلَّ ڪنجوسي جو مظاهرو ڪرڻ ۽ محتاج شخص سان نامناسب سُلُوڪ ڪرڻ واري مالدار کي انهيءَ فقير جي در جو سوالي بڻائي ڇڏيو جنهن کي ان ڌڪا ڏياري ڪيرايو هو. جيڪڏهن ڪڏهن ڪو محتاج مُسلمان اسان سان فرياد ڪري تہ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي استطاعت جي مطابق خُوشي خُوشي ان جي مدد ڪريون، ها! جيڪڏهن مدد ڪرڻ جي قدرت ناهي تہ خاموشي اختيار ڪئي وڃي يا نهايت نرمي سان معذرت ڪئي وڃي، ان موقعي تي ان کي بُرو ڀلو چوڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ يا ان کي ڇڙٻ ڏئي ان جي دل آزاري ڪرڻ جائز ناهي. جيڪي ماڻهو ائين ڪندا آهن ۽ پنهنجي دولت ۽ خوشحالي تي وڏائي ڏيکاريندي محتاجن جون دليون ڏکائن ٿا، انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان ڊڄڻ گهرجي ڇوتہ وقت هڪ جهڙو ناهي رهندو، جيڪڏهن اڄ هو مُحتاج ۽ اسان خوشحال آهيون تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهه عرصي کان پوءِ هو خوشحال ٿي وڃي ۽ اسان ان جي حالت ۾ اچي وڃون. بهرحال جيڪڏهن اسان مستقبل ۾ ايندڙ ممڪنہ مصيبتن ۽ بلائن کان نجات جو سامان ڪرڻ چاهيون ٿا تہ

www.dawateislami.net

اسان کي کپي تہ اسان مال سان دل لڳائڻ ۽ مُحتاجن جون دليون ڏُکائڻ بدران انهن جي لاءِ نرم گوشو رکون ۽ جيئن ممکن هجي انهن جي حاجت روائي ڪيون، وقتاً فوقتاً نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪريون.

## دعوتِ اسلامي جي شُعبن جو تعارف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وقت دعوتِ اسلامي دُنيا جي لڳ ڀڳ 200 ملڪن ۾ ڪم وبيش 103 شعبن ۾ سُنّتن جي خدمت ڪري رهي آهي جنهن مان مسجدن جي تعميرات جي لاءِ خُدّامُ المساجِد، مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين جي حفظ ۽ ناظره جي تعليم (Education) جي لاءِ مدرَسة المدينہ، وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن جي تعليمِ قرآن جي لاءِ مدرَسة المدينہ بالِغان، دِيني تعليم و تربيت سان گڏوگڏ رائج شده تعليم جي لاءِ دارالمدينہ، شرعي رهنمائي جي لاءِ دارُالاِفتاء اهلسنّت، عالمن جي تياري جي لاءِ جامعة المدينہ، تربيتِ اِفتا جي لاءِ مفتي ڪورس، جديد مسائل جي حل جي لاءِ مجلسِ تحقيقاتِ شرعيہ، پيغامِ اعليٰ حضرت کي عام ڪرڻ ۽ اِصلاحي ڪتابن جي فراهمي جي لاءِ مجلس المدينة العلميہ، عاشقانِ رسول مصنّفن جي تصنيفن ۽ تاليفن کي شرعي غلطين کان محفوظ رکڻ جي لاءِ مجلسِ تفتيشِ ڪُتب و رَسائل، رُوحاني عِلاج جي لاءِ مجلسِ مکتوبات و تعويذاتِ عطاريہ، اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ذريعي نيڪي جي دعوت کي دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ جي لاءِ مَدَني چينل، اسلامي ڀينرن جي لاءِ انهن جا هفتيوار اجتماع ۽ ٻيا مَدَني ڪم، مسلمانن ۾ عمل جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ سُوالات جي صورت ۾ مَدَني انعامات ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ دُنيا جي ڪيئي ملڪن ۾ مَدَني قافلن ۽ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماعات ۽ مدني مذاڪرن جو اهتمام ٿيندو آهي. اسڪولز، ڪالجز ۽ يونيورسٽيز ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وارن شاگردن، گونگن

www.dawateislami.net

(Dumb) ٻوڙن (Deaf)، نابين (Blind) اِسلامي ڀائرن جي اِصلاح جي لاءِ بہ مجلسون قائم ڪيون ويون آهن ۽ پوءِ انهن سمورن شعبن جي ڪارڪردگي تي نظر رکڻ ۽ سڄي دُنيا ۾ سڄي مَدَني نظام کي اَحْسَن طريقي سان هلائڻ جي لاءِ مرڪزي مجلسِ شُوريٰ قائم آهي ، تنهنڪري پنهنجو صدقو ۽ خيرات ۽ ٻيا نفلي عطيات دعوت اسلامي کي ڏئي نيڪي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو ۽ پنهنجي آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪريو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! شَعْبَانُ الْمُعَظّم جي پهرين تاريخ تي محدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمد سردار احمد چشتيٰ قادريٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو عُرس بہ ملهايو ويندو آهي. اچو! انهيءَ مناسبت سان محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي سيرتِ مُبارَڪ جون ڪجهہ جهلڪيون ملاحظ فرمايو،

## سيرتِ محدِّثِ اعظم پاڪستان

محدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمد سردار احمد چشتيٰ قادريٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه مشرقي پنجاب (هند) ۾ 1321هجري مطابق1903ء ۾ پيدا ٿيا ۽ اوهان پهرين شعبان 1382ھ مطابق29 ڊسمبر 1962ء ۾ وصال فرمايو. سندن والدِ ماجد جو شُمار علائقي جي معروف ۽ معزّز ماڻهن ۾ٿيندو هو، سندن عظمت ۽ بزرگي ۾ اوهان جي والده جي دُعائن جو بہ عمل دخل هو، اوهان جي والده اڪثر چوندي هئي تہ منهنجو هي دادلو پٽ عظيم شخصيت جو مالڪ بڻجندو.

محدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمد سرداراحمد چشتيٰ قادريٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو ننڍپڻ عام ٻارن کان مختلف هو، ٻاڻ ننڍپڻ کان ئي دِيني ڳالهين

۾ دلچسپي (Interest) رکندا هئا. پاڻ جڏهن هلڻ ڦرڻ لائق ٿيا تہ والدِ ماجد سان گڏ مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويندا هئا. ذِڪر و اذڪار ۽ نعت خواني جو اهڙو ذوق هو جو عام طور هلندي ڦرندي نعتون پڙهندا ۽ ذِڪرُالله ڪندا هئا. ٻڌڻ وارا حيران ٿيندا هئا تہ هن عُمر ۾ اهڙو ذوق و شوق. (حياتِ محدثِ اعظم، ص۳۰)

عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دل — رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولیٰ

محدثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي حياتِ مبارڪ جي روشن پهلوئن کان وڌيڪ برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جو شايع ڪيل رسالو "فيضان محدثِ اعظم پاڪستان" جو مطالعو فرمايو. اهڙي طرح شعبان المعظم جي 2 تاريخ تي ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشوا حضرتِ سيدُنا امامِ اعظم ابو حنيفہ نعمان بن ثابِت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو عرس شريف ملهايو ويندو آهي. اچو! سندن جي بہ مختصر سِيرتِ مُبارَڪ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

## سيرتِ امامِ اعظم

حضرت سَيدُنا امامِ اعظم ابو حنيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندا هئا ۽ ڪاروبار ۾ ديانتداري ۽ مسلمانن جي خير خواهي جو خُوب خيال رکندا هئا، سندن مبارڪ نالو نعمان هو، پاڻ 70 هجري ۾ عراق جي شهر ڪوفي ۾ پيدا ٿيا، 80 سالن جي عمر ۾ 2 شعبانُ المعظم 150 هجري ۾ وفات ٿي، اوهان چئني امامن ۾ وڏي رتبي وارا آهيو، چاڪاڻ تہ اوهان تابعي آهيو.

حضرت سَيدُنا امامِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ رمضانُ المُبارَڪ ۾ عيدُ الفطر ۾ 62 قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا (هڪ ڏينهن جو، هڪ رات جو، هڪ تراويح ۾ سڄي مهيني ۾ ۽ هڪ عيد جي ڏينهن) پاڻ سخاوت ڪندڙ، عِلم سِکائڻ وارا، الله عَزَّوَجَلَّ

www.dawateislami.net

جو خوف رکڻ وارا، حقوقُ العباد جو خيال رکڻ وارا، عفو ودرگذر سان ڪم وٺڻ وارا ۽ فضول ڳالهين کان بچڻ وارا ۽ تقويٰ ۽ پرهيز گاري جهڙي خوبين جا مالڪ هئا.

نہ کیوں کریں ناز اہلسنّت، کہ تم سے چمکا نصیبِ اُمّت سِراجِ اُمّت مِلا جو تم سا، امامِ اعظم ابو حنیفہ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! حضرت سَيِدُنا امامِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سيرت ۽ ڪردار جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جو رسالو ”لڙڪن جي برسات“ مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري نہ صرف پاڻ مطالعو ڪريو بلڪ شَعْبَانُ الْمُعَظّم ۾ امامِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ايصالِ ثواب جي لاءِ بين اسلامي ڀائرن کي بہ تحفي ۾ پيش ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ معلومات جو خزانو ملندو.

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتہ وار سنتن ڀريو اجتماع“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانبردار بنائڻ ۽ انهن کي علمِ دين سيکارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتہ وار سنتن ڀريو اجتماع“ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتہ وار سنتن ڀريا اجتماعات ۾ شرڪت جي برڪت سان فرض علوم سکڻ جو جذبو وڌندو آهي ۽ فرض علوم سکڻ سيکارڻ جي تہ ڇا ڳالھ آهي تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو ڪوئي الله عَزَّوَجَلَّ جي فرائض سان متعلق هڪ يا ٻہ يا ٽي يا چار يا پنج ڪلمات سکيا ۽ انهن کي سٺي طرح ياد ڪيا ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (الترغيب والترهيب، ج. 1، ص. 69، رقم 120)

www.dawateislami.net

اچو! هفتہ وار اجتماع جون برڪتون پائڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن تہ

جتي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جون ڍيون برڪتون آهن اتي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري دعائن جي قبوليت جي بہ مدني بهارون آهن.
اچو! اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ خوشگوار ۽ مشڪبار مدني بهار اوهان جي گوش گذار ڪريان ٿي. جيئن تہ:

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ ڪجهہ هن طرح تحرير ڪري ٿي تہ منهنجي طبيعت ناساز رهندي هئي، ڪافي علاج ڪرائي چڪي هئس مگر ڪا خاطر خواهہ فائدو نہ ٿيندو رهيو، ڏينهن و ڏينهن صحت جو خراب ٿيڻ ۽ دوائن جو اثر نہ ڪرڻ مزيد گهر وارن جي لاءِ باعثِ تشويش هو، الغرض منهنجو مرض وڌندو ويو ۽ بالآخر هي پوشيده مرض ڪينسر جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، ڊاڪٽرن جي ان انڪشاف تي منهنجو سڄو چين رخصت ٿي ويو، دل ۽ دماغ تي پريشاني غلبو ڪري وئي. مان پنهنجي مرض جي باري ۾ سوچي ڳرندي رهيس ۽ هن خطرناڪ بيماري جي هولناڪ نتائج کان خوفزاده رهندي هئس. گهر وارن ۽ پنهنجي ٻارن جو خيال مون کي مزيد افسرده ڪري ڇڏيو. هن موذي مرض مون کي بالڪل لاغر ڪري ڇڏيو ۽ غصو ۽ چڙچڙاپن منهنجي فطرت ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. منهنجي ٻارن جي ابو جيڪو پهريان ئي مالي حالات جي ڪمزوري جي سبب کان پريشان هو، منهنجي بيماري جي سبب هاڻي مزيد پريشان رهڻ لڳندو هو، جڏهن اميد جا سيئي دروازه مون تي بند ٿي ويا تہ مون الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي ڀروسو ڪيو ۽ هڪ روز همت ڪري دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ هلي ويس، اتي سنتن ڀريو بيان ٻڌو ۽ اختتامِ اجتماع ۾ ٿيڻ واري دل سوز دعا ۾ شريڪ ٿيس، دورانِ دعا مان خوب روئي روئي الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي مرض جي شفايابي ۽ رزق ۾ برڪت جون دعائون گهريون. هفتہ وار اجتماع ۾

www.dawateislami.net

گهري ويندڙ دعائن جو اثر ڪجهه هيئن ظاهر ٿيو جو جڏهن مان ٻيهر چيڪ اپ ڪرايو تہ ڊاڪٽر ٻڌايو تہ مون کي هاڻي ڪينسر جو مرض ناهي، هي فرحت بخش خبر ٻڌي ڪري اسان جي خوشي جو ٺڪاڻو رهيو، ائين منهنجي مرض جو مداوا ٿي ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هفتہ وار اجتماع جي برڪت سان نہ صرف منهنجو هي جان ليوا مرض ڪافور ٿي ويو بلڪ منهنجي ٻارن جي ابو کي مناسب روزگار بہ ملي ويو.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جڏهن بہ ڪا بيماري يا پريشاني پيش اچي تہ اسان کي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪرڻ گهرجي مگر اجتماعي دعا جون پنهنجون برڪتون آهن جيئن تہ اوهان مذڪوره مدني بهار ۾ ملاحظ فرمايو تہ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ واري اجتماعي دعا جي برڪت سان مذڪوره اسلامي ڀيڻ کي ڪينسر جي خطرناڪ مرض سان شفا ملي وئي. اعلٰي حضرت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي والدِ محترم مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪتاب ”اَحْسَنُ الْوِعَاء لِاٰدَابِ الدُّعَاءِ“ جي شرح ”ذَيْلُ الْمُدَّعَاء لَاَحْسَنِ الْوِعَاءِ“ ۾ ارشاد فرمائن ٿا: علماء فرمائن ٿا: جتي چاليهہ مسلمان جمع هجن ان ۾ هڪ ولي الله (الله جو ولي) ضرور هوندو. (فضائلِ دعا، ص. 123)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعات ۾ ڪثير عاشقاتِ رسول شريڪ هونديون آهن، خبر ناهي ان ۾ ڪير الله عَزَّوَجَلَّ جي وليہ هجي ۽ ان جي آمين تي اسان جا ٻيڙا پار ٿي وڃن، اوهان بہ همت ڪريو ۽ پنهنجي بيمارين ۽ پريشانين جي حل جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعات ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪريو.

## بيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو تہ ❁ صدقو

www.dawateislami.net

بُرائي جي 70 دروازن کي بند کندو آهي. ❁ صدقو الله عَزَّوَجَلَّ جي غضب کي وسائي ٿو ❁ صدقو بُري موت کان بچائي ٿو. ❁ صدقو بلائن کان حفاظت جو ذريعو آهي ❁ صدقو عمر وڌائيندو آهي. ❁ صدقو حادثات ۽ بيمارين جي روڪ ٿام ڪري ٿو ❁ صدقو جنت ۾ داخل ٿيڻ جو سبب آهي. ❁ جڏهن تہ زڪوٰة ۽ صدقات نہ ڏيڻ وارن کان الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿئي ٿو. ❁ ملائڪن جي بددعا سان بخيل جو مال برباد ٿيندو آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي خوب خوب صدقي ۽ خيرا ت جو جذبو عطا فرمائي ۽ تمام بلائن کان حفاظت نصيب فرمائي.اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سفر ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! سفر ڪرڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ۞ ٿي سگهي تہ خميس واري ڏينهن کان سفر جي شروعات ڪئي وڃي ڇوتہ خميس تي سفر

www.dawateislami.net

جي شروعات ڪرڻ سنّت آهي. (اشعةاللمعات،۱۶۱/۵) ۞ جيڪڏهن سهولت هجي تہ رات جو سفر ڪيو وڃي ڇوتہ رات جو سفر جلدي طئي ٿيندو آهي ۞ نڪرڻ وقت عزيزن، دوستن سان ملو ۽ انهن کان غلطيون معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي گهري وڃي انهن تي بہ لازم آهي تہ دل سان معاف ڪري ڇڏين ۞ اسان جڏهن بہ سفر تي روانا ٿيون تہ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي گهروارن ۽ مال کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪري وڃون، الله تبارڪ وتعاليٰ ئي سڀ کان بهتر حفاظت ڪرڻ وارو آهي. ۞ ريل يا بس وغيره ۾ بِسۡمِ الله، الله اَكۡبَر ۽ سُبۡحٰنَ الله 3،3 ڀيرا، لَآاِلٰہَ اِلَّا الله هڪ ڀيرو پوءِ چوي: سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقۡرِنِيۡنَ ۝ وَ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنۡقَلِبُوۡنَ ۝ (پ۲۵، الزخرف۱۳،۱۴) ترجموڪنزالايمان: پاڪائي آهي ان جي جنهن هن سواريءَ کي اسان جي قابو ۾ ڪري ڏنو ۽ اسان ان کي قابو ۾ رکي سگهڻ وارا نہ هئاسين ۽ بيشڪ اسان کي پنهنجي رب جي طرف موٽڻو آهي. (فتاويٰ رضويه، ۷۲۸/۱۰ ) ۞ سفر کان واپسيءَ تي گهروارن جي لاءِ ڪو تحفو(Gift) آڻيو. سرڪار مدينہ، قرارِ قلب و سينہ، باعثِ نزولِ سڪينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن سفر کان ڪو واپس اچي تہ گهر وارن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ تحفو آڻي، جيتوڻيڪ جهوليءَ ۾ پٿر (Stone) ئي ڪڻي اچي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net